رقيہ عامر

# شاھہ لطيف جو سماجي اڻ برابري ۽ پورهئي جي استحصال بابت فڪر

***Abstract:***

**Shah Ltif's concept about exploitation and social inequality**

*Shah Latif being a social reformer and thinker was very well aware of Sindhi society and had a keen observation on each aspect of the society. He, therefore, vehemently cursed the class differences and discrimination built on social inequality and in feudalism. He gives awareness to the people of Sindh and encourages them to work hard (struggle) and strive to get their rights. Latif having witnessed the apathy about the social inequality, feudal practices, injustice and unfair behavior towards fellow human-being, comes forward to raise his voice for the freedom of people.*

*Shah Latif invites people to struggle against the norm and break the social and class system. He calls people with emotional slogans to build a new society and aware the nation to rise for a revolution in the society. He introduces a struggle which favours the social progress and welfare of each member of the society. Latif aims to develop a new, happy and free nation. Latif prays and wishes luck for such progress.*

**جيئن** تہ انسان قدرتي طور آزاد پيدا ٿيو آهي، اهو قدرتي ۽ فطرتي برابريءَ جو حق رکي ٿو. هڪ فرد بذاتِ خود سماج يا سماج جو نالو نہ آهي، پر سماج انساني گرُوھہ جو نالو آهي. جنهن مان سماج ۾ رهڻي کهڻيءَ جا اصول، عقيدا، ڪم ڪاريون، ريتون رسمون، ڏيتي ليتي (تهذيب و تمدن) جي نهڻ جي شروعات يا ابتدا ٿي. اڳتي هلي ان مان سماجي اڻ برابراي ۽ پورهئي جي استحصال، جهڙا مسئلا پيدا ٿيا جيڪي بهترين سماج جي اڏاوت لاءِ هاڃي ڪار آهن. ان ڪري دنيا جي پيغمبرن، دانشورن، مفڪرن، سماج سڌارڪن ۽ اديبن، شاعرن هميشہ پلائي ۽ برابريءَ لاءِ سماج ۾ انساني برابريءَ کي قائم رکڻ جون مختلف انداز سان ڪوششون ڪيون آهن. انهن وقت بہ وقت پنهنجي انداز سان هڪ بهترين سماج تشڪيل ڏيڻ لاءِ، معاشري مان اڻ





برابري ۽ پورهئي جو استحصال روڪڻ ۽ انساني تاريخ ۾ انسانن جي بنيادي برابريءَ واري حقن جي سجاڳيءَ لاءِ مسلسل جدوجهد پئي ڪئي آهي. انهن ۾ لطيف جهڙي ماهر سماجيات ۽ مفڪر، سنڌ جي چپي چپي کي چتائي ڏنو، پنهنجي آفاقي ڪلام سان ماڻهن کي سجاڳ ڪيو. لطيف سنڌي سماج ۾ سماجي اڻ برابريءَ ۽ پورهئي جي استحصال بابت سجاڳي ۽ جدوجهد جو شعور ڏنو. لطيف جو جنم (١٦٨٩ع) جنهن دؤر ۾ ٿيو، اهو جاگيرداراڻو نظام جي عروج تي هو. جيئن تہ لطيف سنڌ جي شاندار تهذيب و تمدن ۽ سنڌ جي خوشحاليءَ کان واقف هو ۽ پنهنجي دؤر جي غلاميءَ واري جاگيرداراڻي سماج ۾ ماڻهن کي پيڙجندو بہ ڏسي رهيو هو. لطيف ماهر سماجيات هجڻ ڪري سنڌي سماج کان بخوبي واقف هئو. هن جي هر پهلوءَ کان معاشري تي گهري نظر هئي، ان ڪري معاشرتي اڻ برابري ۽ پورهئي جو استحصال جي بنياد تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم جي خلاف، ٻٽي طبقاتي نظام کي ننديو آهي.

انگليند جي مشهور فلاسافر هربرٽ اسپينسر (١٩٠٣ع-١٨٢٠ع) (Herbert Spencer) جيڪي معاشرتي برابري، جدوجهد ۽ بقا جا اصول، پنهنجي ڪتاب (Principles of Sociology) ۾ ٻڌايا آهن، لطيف ان کان هزار پيرا وڌيڪ ۽ مؤثر معاشرتي برابري ۽ جدوجهد جا اصول شاعريءَ جي ذريعي ڪيئي سال اڳ ڏنا آهن. لطيف معاشري جي عام غريب طبقي جي ماڻهن جا ڪردار ڪڍي، انهن کي تمثيلي طور بيتن ۾ آڻي، انساني سماج ۾ سجاڳي ۽ جدوجهد جو هڪ اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي. ”لطيف پنهنجي دؤر ۾ سماج کي ٻن واضح طبقن ۾ ورهايل ڏٺو. هڪ پاسي فيوڊل هئا جن کي وڏيرو، ارباب ۽ ڄام وغير چيو ويندو هو ۽ ٻئي پاسي محنت ڪندڙ هاري هئا. جاگيردار، هارين جي ڪمائيءَ تي شراب، شباب ۽ ڪباب جي محفلن جا مالڪ هوندا هئا. ٻٽير بازي، چڪور بازي ڪڪڙن جي ميل ۽ رڇ ڪتن جي ٻچ ۾ غرق هئا. ملان ۽ پير سندن دسترخوان جا شريڪ هئا. جاگيردار، عوام کي ويڙهائيندڙ هو، تہ ملان سندن صلح ڪرائيندڙ هو. پر ملان فرقي جي بنياد تي جڏهن عوام کي ويڙهائيندو هو تہ اها وقتي ۽ معمولي لڙائي نہ هوندي هئي. شيعہ، سني، مالڪي، شافعي جي نالي تي نفرتون گهڙيون ويندي يون هيون. سڄو سڄو سال قبرن جي حيثيت جي تعين تي بحث هلندا هئا، مصيبتون، ڪاري ڏاند جي قربانيءَ سان دؤر ڪرايون ويندي يون هيون. هڪ کان وڌيڪ شادين جا جواز گهڙيا ويندا هئا“ [1]. اهڙي طرح لطيف انهيءَ ٻٽي طبقاتي ورهاست جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مخالفت ڪئي، تہ وڏيرا، جاگيردار ۽ ملا، سڀ حڪمران طبقي جا حامي ۽ ان سان ٻڌ هئا، جڏهن تہ ويچارو غريب عوام، ڏتڙيل، ظلمن ۽ زيادتن جو ماريل پورهيت طبقي سان واسطو رکي پيو. لطيف انهن غريب پورهيت ڏتڙيل مسڪين مظلوم ماروئڙن جو مددگار ٿي، انهن کي انساني، سماجي، اخلاقي ۽ روحاني سجاڳي ڏئي سندن رهبري ڪئي آهي. لطيف ڄاتو ٿي تہ سنڌي سماج جو هر ماڻهو ڏکن ۽ سورن ۾ ورتل آهي. انهن سيني جي سورن جي ڪيس خبر هئي، پر ڏنو وڃي تہ لطيف جي دل ۾ تہ سينيءَ ڪان وڌيڪ سور آهن، جيڪي نئين سماج جي تعمير ۽ تبديليءَ آڇپي ۽ آزاديءَ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن.

مُٺ مُٺ سُورن سڀ ڪنهن، مون وٽ وٿاڻان،
پريُون ڪيو پُٽان، ويا وهائو نڪري.

گوندر ڪيو غرق، ماءُ منهنجو جندڙو،
ڏکوين مرڪ، مٿي سگر پنڌڙا.
(سر رپ)

لطيف انسانن جي اڻ برابري ۽ سندن پورهئي جو استحصال ڏسندي، انهن جي دردن کي پنهنجا سور سمجهي، ان طبقاتي نظام کي ٽوڙڻ جي جدوجهد ڪئي، جنهن ۾ جاگيردار ۽ هاري، آقا ۽ غلام، غريب ۽ امير وارو ٻٽو نظام هو. ان کي ”ذات نہ آهي ذات تي ، جو وهي سو لهي“ وارونظريو ڏئي انقلابي نعرو هڻي، عوام ۾ اتساهہ بيدار ڪيو.”لطيف اهڙي نا انصافيءَ تي ٻڌل نظامِ حڪومت جي خلاف هو، جيڪا غربت کي جنم ڏيندي هجي، جتي مايوسي ۽ نا اميدي پيدا ٿيندي هجي، جتي بک جي بادشاهي هجي، جتي تن ڍڪڻ دشوار ٿي پوي ۽ جتي عوام کي خانہ بدوشي واري زندگي گهارڻي پوندي هجي.“[۲] اهڙي ظالمانہ سماجي اڻ برابري واري نظام ۽ ”ظلم، نفرت، تشدد، منافقت ۽ استحصال ڪان لطيف سخت نفرت ڪندو هو. هو حسن، سچ ۽ محبت کي پسند ڪندڙ هو، ۽ غير يقيني ۽ نا اميديءَ جي فضا ۾ بہ ’عشق‘ جي ديوانگيءَ جو مطالبو ڪري ٿو، عشق جيڪو انقلابين جو راشن هوندو آهي.[۳]ان عشق جي سجاڳيءَ سان ئي سماج ۾ انقلاب ايندو آهي.

پاڻ م ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڏُ،
لالن تنين لڌُ، عشق جنين جي اڳ ۾.
(سرسهڻي: داستان پهريون)





اهو ان طبقاتي نظام خلاف سجاڳيءَ جو سڏ، جيڪو معاشري ۾ انساني حقن جي برابريءَ لاءِ آهي.لطيف عوام منجهان ئي همٿ ۽ بهادريءَ وارا ڪردار ڪڍي، جنهن ۾ مارئيءَ کي علامت بڻائي، وقت جي ظالم حڪمران جي ڏاڍ کي ٽوڙي، لوئيءَ جي لڄ سلامت رکڻ جو پيغام ڏنو آهي. اهڙي تصور سان لطيف نئون سماج اڏڻ ۽ معاشري ۾ انقلاب لاءِ عوام کي سجاڳي ۽ جدوجهد جو نئون نياپو ڏنو، جيڪو لطيف ڪان اڳ ڪنهن بہ شاعر وٽ نہ ٿو ملي.

”نئون نياپو آئيو، راڻي مُلا رات“!

اهڙو انقلابي آواز معاشري ۾ برابري ۽ پورهيت جي استحصال جي خلاف عوام کي سجاڳ ڪرڻ آهي. لطيف جو اهو ”نياپو، نئون نياپو-سنڌ جي سينيءَ ماڻهن زالن، مردن، پڙهيل، اڻ پڙهِيل، شهرين، ڳوٺاڻن، ٻڍن، ٻارن، مطلب تہ سينيءَ لاءِ سوچ ۽ لوچ جو پيغام، عمل جو پيغام، گهوريا سک ڏکن ريءَ، ڪم، ڪم، ڪم، جاڪوڙ ۽ جدوجهد، لاڳيتي، اَکُٽ ۽ مهلائتي (مقصد ڏانهن نيندڙ صالح) جدوجهد جنهن سان انساني وجود جي بقا ۽ ان جي خوشحالي، آبرو مندي ۽ بهتر مستقبل جي تعمير لاءِ سجاڳي ۽ جدوجهد جي سبق جي سکيا ڏني آهي.“[۴] اهڙي معاشري جي انقلاب لاءِ لطيف پوري انسان ذات کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو، تہ تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻو آهي.انساني حقن جي حاصلات ۽ بهترين معاشري لاءِ مسلسل جدوجهد ڪرڻي آهي. ان انقلاب جي آگاهيءَ لاءِ لطيف جيڪي تمثيلون، تشبيهون، علامتون ۽ ڪردار چونڊيا، اهي عام لوڪ داستان هئا، جيڪي سنڌي معاشري ۾ عام طور تي لطيف ڪان اڳ مروج هئا. ”اهي داستان انهن ڪردارن جو جيڪو خاڪو پيش ڪن ٿا، اهو ان دؤر واري سنڌ جي سچي سماجي جوڙجڪ کي ظاهر ڪري ٿو.“[۵] انهيءَ ڪري لطيف جو اهو ٻين ڪان مختلف ۽ منفرد انداز، اهو ’نئون نياپو‘ تمام پٺتي پيل سماج جي عڪاسي انهن داستانن جي ڪردارن وسيلي ڪري ٿو. لطيف ڪان اڳ اهي عام داستان هئا، ليڪن انهن کي تمثيلي طور سجاڳي ۽ جدوجهد جي انداز ۾ لطيف عام ڪري اَمَرُ بڻايو آهي. هر سماج، سڌريل يا اڻ سڌريل پنهنجي تهذيب و تمدن، ثقافتي، روايتن ۽ قدرن وسيلي سڃاتو وڃي ٿو، جنهن ۾ سماج جا رويا فردن ڏانهن ۽ فردن جا رويا هڪ ٻئي ڏانهن تمام گهڻي اهميت رکن ٿا . ڊاڪٽر فهميده حيسن لکي ٿي تہ: ”سنڌي سماج جي جيڪا سٽا انهن لوڪ داستانن مان ظاهر ٿئي ٿي يا جيڪا ڪجهہ قدر اڄ بہ موجود آهي، تنهن ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

‘فرد‘ جي اهميت سندس معاشي حيثيت مطابق هوندي آهي. ڏاڍو هيٺين تي حاوي ۽ ان جو ’مالڪ‘ هوندو آهي. اهو ملڪيت جو تصور محڪوم ماڻهوءَ جي سوچ کي سلب ڪري، هن کي احساس ڪمتريءَ ۽ بي اعتماديءَ جو شڪار بڻائي ڇڏيندو آهي. انهن ٻن طبقن جون صورتون مختلف ٿي سگهن ٿيون، امير غريب جي روپ ۾ يا مرد ۽ عورت جي شڪل ۾! پهريون طبقاتي فرق مٿئين ۽ هيٺين طبقن جي وچ ۾ آهي. اهو سماج اهڙو ٺئي ٿو، جتي مٿيون طبقو پرماريت ۽ استحصال پنهنجو حق سمجهي روا رکندو آهي ۽ هيٺيون طبقو ان کي پنهنجي قسمت، لکيو يا الاهي امر سمجهي، ان کي سهڻ لاءِ مجبور هوندو آهي. اهو رويو اهڙن سيني سماجن ۾ هڪ جهڙو ملندو، جتي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ذريعي هڪ طبقو ٻئي تي حڪومت ڪري ٿو. اهو ته ٿيو هڪ پهلو، ٻيو پهلو آهي سماج جو عورت ڏانهن رويو!. اهو رويو زرعي جاگيرداري نظام ۾ ’فرد‘ جي ملڪيت واري تصور ۾ ڪيس ٻيٽي ڏاڍ جو شڪار بڻائڻ جو ڪارڻ آهي. هيٺين طبقي جو فرد هئڻ ڪري هوءَ مٿئين طبقي جي به ملڪيت آهي ته وري پنهنجي طبقي جي مردن جي به متس اهائي دعويٰ آهي.“(٦) اها اڻ برابري ۽ پورهيت جي استحصال واري طبقاتي ورهاست لطيف کي بلڪل پسند نه هئي، جنهن ڪري هن ان جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو.

”جيئن جيئن جهلي جڳ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿئي.“

ان دؤر ۾ ”سنڌ عام طورتي هندستان جيان مغل ۽ ڪلهوڙا دؤر جي لڳاتار ٽڪراءُ ۽ دشمنيءَ وارين حالتن سبب غربت ۽ افلاس جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهي هئي. مغل ۽ ڪلهوڙا ٻئي هڪ جهڙا ۽ هڪ ئي دؤر جي مخلوق هئا. اهو دؤر به ان وقت جي حالتن کان به وڌيڪ بي حس ۽ سخت هو، عام ماڻهو فقط زنده رهڻ واري جدوجهد ۾ پورو هو. جڏهن ته امن امان، قانون جي احترام ۽ حياتيءَ جي تحفظ ۽ جدوجهد سان ئي دولت پيدا ٿئي ٿي، ۽ دولت مان رياست جي طاقت اپري ٿي، جيڪا مظلوم انسانن جي مصيبتن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.“(٧) ايچ ٽي سورلي، مغل دؤر جي غريب طبقي جي ڪريل حالتن ۽ ڏاڍ، چوڏاري غربت ۽ افلاس جي ستم ظريفي بابت لکي ٿو:

”ماڻهن جا هتي ٽي طبقا آهن، هڪڙا نالي ۾ ته آزاد آهن، پر انهن جون حالتون عام غلام کان به بدتر آهن، ٻيا پورهيت آهن، ٽيان هيٺئين ڪلاس جا ملازم ۽ دوڪاندار آهن. مزدورن جا به طبقا آهن، هڪڙا اهي جن کي ٿوري گهٽي ڏهاڙي ملي ٿي، ٻين جو



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

پورهيو بيگر ۾ هليو ٿو وڃي، ڪين گوشت جي ذائقي جي خبر ئي ڪونه آهي. سندن کاڌو روزانو هڪ جهڙو آهي. اها آهي ڪچڙي جيڪا چانورن ۾ ڏريل موٺ وجهي هلڪيءَ باهه تي اوٻاري ٿورو مکڻ وجهي گرم ڪري کائيندا آهن. ڏينهن جو ٻِڳڙا، ڏاٽيون يا ڦلا کائيندا وتندا آهن، جنهن سان پنيءَ لڱل پيٽ پريندا آهن. هيءَ تصوير سنڌ جي حالتن بابت لکتن ۾ مستقل نظر اچي ٿي.“(٨) سنڌ جي اهڙن ڪمزور ۽ ضعيف ماروئڙن جي لطيف جيڪا عڪاسي ڪئي آهي، اها انهن مٿئين طبقي جي ماڻهن لاءِ مُنهنَ تي چپاٽ مثل آهي. انهن غريبن جي خودداري اها آهي، جو عُمر جي پلاءُ کي آراڙيءَ (اڃن گلن واري گاهه) جو مٽ نه ٿا سمجهن.

آٽين ڪي چاڙهين، ڏُٿُ ڏيهاٽي سُومرا!
ستا ڪيو، سيڏُ چئي، سائونُ سُڪائين،
منجهان لنب، لطيف چئي، چاڙُ ڪيو چاڙهين،
پُلاءُ نه پاڙين، عمر! آراڙيءِ سين!
(مارئي: داستان ٧، بيت ٣)

هڪ ٻئي بيت ۾ وري چئي ٿو.

ساڻ پُلاءُ نه پاڙيان، ڏؤنرن جي ڏوئي!
(مارئي: داستان ٥، بيت وائي)

ايچ ٽي سورلي جن چانورن جي ڳالهه ڪري ٿو، اهي لنب جي گاهه وارا چانور آهن! جيڪي لطيف جا غريب مارو، رذل پت هميشه ساڳيو کائين ٿا. اهي انهن جي پلائن کي حرام ٿا سمجهن، جيڪي پرائي پگهر جي پورهئي تي پڪل هجن!. لطيف جا مارو ان کي کائڻ پسند نه ٿا ڪن. هو صدين کان خوددار آهن، جيڪي فاقي کي به فرحت ٿا پائين.

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سُوءِ،
ور جيڏين سين جوءِ، فاقو فرحت پائنيان!
(مارئي: داستان ٣، بيت ١٠)

”لطيف جي ديس جا ماڻهو دولت کي اهميت نه ٿا ڏين. هنن لاءِ سون سوءِ آهي. هنن کي پنهنجي غريب جيڏين ساهڙين سان گڏ بک مرڻ ۾ به فرحت محسوس ٿي ٿئي. هنن جي خودداري اها آهي، جو آرام ۽ عيش جي زندگيءَ کان هنن لاءِ عزت جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بک بهتر آهي.“(٩) لطيف مٿئين طبقي جي ماڻهن شاهن ۽ شهزادن، شهزادين، امير ڦورو طبقن جو شاعر نہ، پر غريب، عام پورهيت طبقي جو شاعر آهي. ”لطيف جي دؤر ۾ عام ماڻهن کي ويجهو وڃڻ ئي ڏوهہ هو. جنهن طبقي مان آيو هو، اهي سدائين پاڻ کي عوام کان مٿيرو ڀائيندا هئا. تنهن هوندي بہ هو پنهنجي طبقي مان هيٺ لهي آيو ۽ پورهيتن، سانگين، سامين، جوڳين ۽ سناسين جي صحبت ۾ رهيو. انهن وانگر پير اگهاڙا ڪري، انهن سان گڏ هنگلاج ۽ لاهوت لامڪان تائين پيادل سفر ڪيائين.“(١٠).ان سفر دوران جيڪي مشاهدا ماڻيائين، انهن کي شاعريءَ جي صورت ۾ آڻي، پوري انسان ذات جي لاءِ سجاڳي ۽ جدوجهد جو درس ڏنائين. مقصد جي حاصلات لاءِ غريب، بي پهچ ۽ ڏارين جي ڌاڙن سان ماريل ماروئڙن کي همٿ ۽ حوصلو ڏنو، جيڪو هر دؤر جو علامتي آواز آهي.

جُ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪہ در ڏيندا دانهڙي!؟
(سر مارئي)

لطيف جنهن دؤر ۾ اک کولي اتي چوڌاري، ”ان دؤر جي معاشري ۾ اڻ برابري تمام گهڻي هئي. ننڍ وڏائيءَ جا معيار مقرر هئا، بي اعتمادي هئي. ڌارين جون ڪاهون پنهنجن جون سازشون هيون، ان ڪري ئي ان دؤر ۾ ضرورت هئي، انسان جو پنهنجي پاڻ ۾ اعتماد بحال ڪرڻ جي، ٻين ماڻهن ۾ ڀروسو پيدا ڪرڻ جي، پيار ۽ قياس کي اپارڻ جي ۽ همدردي ۽ همراهيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي. ان ڪري لطيف فرد جي ذريعي اجتماعي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.“(١١) ان لاءِ هر فرد کي اها صلاح ٿو ڏئي تہ:

ويني جنين وٽِ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽِ، اوڏا اڏي پکڙا،
(يمن ڪلياڻ، داستان ٨، بيت ١٨)

جڏهن تہ لطيف انهن جي دوستيءَ کان منع ڪري ٿو، جيڪي قوم ۾ منافقت ۽ نفرت جو ٻج ڇٽن ٿا ۽ غريب پورهيت جي ڪمائيءَ جو استحصال ڪن ٿا. لطيف جي ان دؤر ۾ طبقاتي نظام بابت ايچ. ٽي سارلي لکي ٿو تہ: ”پهرئين طبقي ۾ ٽالپر مير، سردار، بلوچ، سيد ۽ مذهبي درويش اچي ٿي ويا، ٻيو طبقو هاري ناري، ڪڙمي ڪاسبي مسلمانن جو هو، جيڪو سڄيءَ سنڌ جي ڀاڙيءَ ۾ پڪڙيل پيو هو، ۽





گهڻائي بہ انهن جي هئي، ٽيون طبقو هندن جو هو، جيڪي مسلمانن جي سيٺي طبقن طرفان ڏاڍي غلط نموني دٻايا ۽ پريشان ڪيا ويندا هئا. گجرات، جيسلمير ۽ مارواڙ کان لڏي ايندڙ هندوءَ تي اصلي سنڌيءَ مسلمان جيان هر محصول مڙهيو ٿي ويو. دستور مطابق هندن تي غير مسلم هجڻ جي ناتي سان بہ هڪڙو جدا محصول لڳل هو. مغل شاهي دوران رعايت يافتہ طبقا جاگيردارن، سردارن ۽ آفيسرن تي مشتمل هئا، جن مان گهڻو ڪري آفيسر تہ ڌاريا هوندا هئا. باقي ٻيو عوام هوندو هو، سو هندو ۽ مسلمانن تي مشتمل هو. سرڪار جوڪجهہ کانئن طلب ڪندي هئي، سو هو ادا ڪرڻ لاءِ ٻڌل هوندا هئا. انهن محصولن اصلوڪن سنڌي قبيلن جي چيلهہ ڇٻي ڪري ڇڏي هئي. هيءُ طريقو مغلن واري طريقي کان بہ وڌيڪ اڻ برابري ۽ انياءَ واري سلوڪ تي ٻڌل هو. اصلوڪا ماڻهو انهن ظلمن تي هريل هئا ۽ انهن ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت ڪونہ ڪئي. ڪلهوڙا دؤر ۾ اهو هروڀرو لازمي ڪونہ هو تہ مغل شاهيءَ جي ڌارين آفيسرن سان تعاون ڪيو وڃي. جيڪي رعايتون اڳ مغل نوابن کي مليل هيون، تنهن جي جاءِ تي ڪلهوڙا پاڻ اچي ويا ۽ جاگيردار ۽ زميندار بہ ان طبقي ۾ شامل هئا. سيدن ۽ فقيرن کي وڏي عزت ۽ احترام ڏيڻ شروع ڪيو ويو. محصول جو جيڪو طريقيڪار هو ان ۾ ڪين قبوليت ملي، باقي جيڪي ڪيتي ڪندڙ ڀاڙيءَ جا اصلوڪا سنڌي هئا، جيئن جت، مهاڻا، هاري، ڏنار، ڪڙمي، ڪاسبي انهن سڀنيءَ جو استحصال ڪيو ويو.“(١٢) لطيف جي ان دؤر ۾ عام ماڻهن ۽ غريب طبقي جي عوام جي انهن ”جاگيردارن ۽ مغلن نوابن جي اڳ جوڙيل جنسار ۾ معاشي طرح سندن چيلهہ ڀڳي پئي هئي ۽ هو بک، بيروزگاري، ذهني ۽ جسماني غلاميءَ جو شڪار هئا ۽ سندن حالت ڏاڍي هيٺي ۽ ڏکويل هئي. ڌارين جو مٿيون طبقو عيش ۾ هو، باقي سنڌي غريب پورهيت جو حال خراب هو.“(١٣) انهن جو هر طرح جي اڻ برابري ۽ پورهئي جو استحصال پئي ڪيو ويو. تڏهن لطيف مارئيءَ جي زباني چئي ٿو تہ:

ور سي وطن ڄائيون، صحرا ستر جن،
ويڙهيا گهمن ولين، جهانگي منجهہ جهنگن،
مونکي ماروئڙن، سڄ ڳڻائي سيج ۾!
(مارئي: ٣-١٥)

لطيف وٽ انهن غريب طبقي جي پورهيتن جو وڏو مان ۽ مرتبو هو، پنهنجي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪلام ۾ انهن کي اول درجي جي حيثيت ۾ ظاهر ڪري ٿو. جنهن لاءِ تنوير عباسي لکي ٿو: ”لطيف جي سورمين ۽ سورمن تي نظر ڪبي ته اهي پورهيت طبقي مان ئي هئا، جن کي هن کان اڳ دنيا جي عظيم شاعرن شاعريءَ مان نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي. جو ته سڄي دنيا جي شاعري رڳو هڪ خاص ورسايل طبقي جي تفريح جو سامان هئي. شاهه لطيف ان کي پنهنجي اصلي ماڳ ڏي موٽائي آندو ۽ پنهنجا اڪثر سورما ۽ سورميون عوام مان ئي چونڊيائين.“(۱۴) ان ڳالهه جي وضاحت ۾ فهميده حسين لکي ٿي ته: ”لطيف مروج داستانن جي ذريعي سڄاڳي ۽ جدوجهد، بي ڊپائي ۽ مستقل مزاجيءَ جهڙا جوهر اپارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اها ڳالهه هر دؤر سان لاڳو آهي.“(۱۵) لطيف ان بي پهچ، ڪمزور، هيٺين ابوجهن، غريب ۽ پورهيت طبقي سان ناتو جوڙيندي، انهن جو آواز بڻجي، انهن جي زندگيءَ جي عڪاسي اهڙي انداز سان ڪئي آهي، جو انهن جا منهن مهانڊا ۽ شڪليون صاف ظاهر ٿي پون ٿا، اهڙي طرح جو غريب پورهيتن جون ڪِهه سان پريل ڪُڙيون، مٿي کان پيرن تائين پگهر ۾ ٻڏل، اهي پورهيت لطيف جا محبوب آهن، جن جي لوڏ سڃاڻيندي لطيف هيئن چيو ته:

مٿن ٽُبڪ ٽُبڪڙا، چڪنڊڙا اڇن،
ڪُڙيون ڪهه پڪليون، پگهر سر پيرن،
ايءُ وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.
(مارئي: داستان ستون)

صدين جي غلاميءَ سبب طبقاتي اڻ برابري ۽ نند وڏائي، جاگيردار طبقي جي ظلمن، پورهيتن جي استحصال ۽ انهن غريب بي پهچ مسڪين ماروئڙن جي ڏک درد، ڳوڙهن سان پريل اکين، بکايل ۽ سکل پيٽ، اڃايل اکين جي پياس، لطيف جهڙي حساس دل شاعر جي جيءَ کي جهوري وڌو. جنهن ان جاگيرداري سماج ۾ عورت ۽ مرد جي ڪردار، امير، غريب واري اڻ برابري ۽ پورهئي جي استحصال واري صورتحال کي چڱي طرح مشاهدي ۽ مطالعي ۾ آڻي، پوءِ مارئي جهڙي ڪمزور ۽ غريب مسڪين عورت کي هڪ مثالي اهڃاڻ بڻائي، ملڪ جي بي همت ۽ ڪمزور بي پهچ مارن کي همت ۽ حوصلو ڏياريندي، ماڻهن کي سگهارو ۽ باهمت ڏسڻ ٿي چاهيو. لطيف مارئيءَ کي وطن جي حب طور علامت بڻائي اپاري ٿو. عمر جهڙي ڪردار کي وري استحصالي ٽولي ۽ جابر حاڪم جي اهڃاڻ طور پيش ڪري ٿو. ملير کي آزاد وطن جي علامت





بڻائي ٿو. لطيف کي ماضيءَ ۾ هن ملڪ ۾ اهڙي سماج جي سُڌ هئي، جنهن ڏيهه ۾ نه ڪو رائر هو، نه ڪا ڪنهن کي جهل پل هئي، ان آزاديءَ جو انتظار ۽ آس اٿس، جنهن ۾ مارو پاڻ امل هئا، ۽ هر هنڌ سندن واهرو نظر ٿي آيا.

نڪا جهل نه پل، نڪو رائرُ ڏيهه ۾،
آٽيو وِجهن آهُورين، روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ امُل، مليرون مرڪٽو.
(مارئي: داستان ۷، بيت ٦)

لطيف محنت ڪش، مزدورن، هارين ۽ پورهيتن جو شاعر هجڻ ڪري انهن جي پورهيئي جي استحصال جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو جنهن لاءِ ايچ ٽي سارلي جهڙو محقق لکي ٿو، ”اهي اهڙا پورهيت آهن، جن جو پورهيو پيٽ گذر جي لائق مس آهي ۽ وياج خور اهي طبقا آهن، جيڪي کيتي ڪرڻ لاءِ تقاوي (وياج) قرض ڏين ٿا، ۽ ان جا خوب منافعا وٺن ٿا. سنڌ اندر هاري طبقي جي حالت ڏاڍي تباهه ڪن آهي. هڪ اهڙو وقت به هوندو آهي، جو وٽن کاڌو خوراڪ به ڪونه هوندو آهي ۽ ڪين ڪپڙن خريد ڪرڻ جي به طاقت ڪانه هوندي آهي. اُهي پنهنجي گهر ۽ زال ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪري ڪونه ٿا سگهن، غربت ۽ افلاس جي ڪري شاديون ڪونه ٿي سگهنديون آهن.“(۱٦) لطيف اهڙين حالتن جو عيني شاهد آهي، جيڪي هن شعر ۾ سڀ بيان ٿيل آهن. ملڪ جي مارن جي اهڙي حالت آهي، جو انهن مسڪين ماروئڙن کان خريداريون ۽ خوشيون ئي وسري ويون آهن.

اديُون ورُ اُگهاڙ، وِهاڻءُ جنهن وساريو،
جيڏيون! ڇڏي جاڙ، سڀ ننگيُون ٿي نڪرو.
(سر معذوري، داستان ۲، بيت۲)

هن بيت ۾ لطيف انهن جي مسڪين حالتن جو ذڪر ڪيو آهي. مارن کان ڪل خوشي ۽ خريداريون سڀ وسري ويون آهن.

جا، عُمر! تو مل عيد سا، اسان سُوءَ ورتي سُومرا!
ويئي ويچارن وِسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارُو جي ملير جا!
(مارئي: داستان ۳، بيت ۱۱)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

غريب پورهيت جيڪي اڻ برابريءَ واري دؤر ۾ پنهنجي محنت ۽ پگهر جي پورهئي جو پورو اجورو نہ ملڻ ڪري ۽ جابر طبقي جي ظلم ۽ جبر سبب لڏ پلاڻ ڪن ٿا، سندن پورهئي جي استحصال جو لطيف کھڙي نہ سھڻي انداز سان بيان ڪيو آهي. اوڏن جو ذڪر ڪندي، انهن جي غربت واري مسڪين ماحول جو عڪاس آهي. انهن کي جدوجهد جي تمثيل symbol بنايو آهي:

چنل چڄ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
پورهئي خاطر پنهنجي، اٿن سوارا،
اوڏ بہ ويچارا، لاڪا! وجن لڏيو.
(سر ڏهر: داستان چوٿون)

آمريڪي مفڪر وليم گراهم سُمنر(١٩١٠ع-١٨٤٠ع) William Graham Sumner جي خيال ۾، ”معاشرو دراصل قوتن تي مشتمل هڪ اهڙو سرشتو آهي، جيڪو قانون جي تابع ۽ پابند آهي. انسان جي لاءِ ضروري آهي تہ اهو سماجي قانونن سان اهڙيءَ طرح هڪجهڙائي پيدا ڪري، جهڙيءَ طرح اهو طبعي قانونن جي پابندي ڪري ٿو. ارتقا جي نمايان خصوصيت، بقا لاءِ جدوجهد آهي.“(١٧) لطيف سماجي بقا لاءِ جدوجهد وارو اهڙو نظريو ۽ سجاڳيءَ وارو سڏ سوين سال اڳ ڏنو آهي.

چپرَ چمرُ پانئيان، ڪانيو ۽ ڪارو،
پبُ وجهندس پُٽِ تي، صبح سوارو،
وجڻ مُون وارو، ڪين ويهندس وچ ۾.
(سرديسي: داستان ٥، بيت ١١)

هن بيت ۾ لطيف ڪيڏو نہ بقا جي جدوجهد وارو مضبوط ۽ غور و فڪر ڪرڻ جو نظريو ڏنو آهي. سُمنر چوي ٿو تہ، ”زندگيءَ جي جدوجهد ۾ اهو ئي ماڻهو سرخرو ۽ ڪامياب ٿئي ٿو، جيڪو خلوص سان سخت محنت ۽ مشقت ڪري.“(١٨) لطيف اهڙي سخت جدوجهد لاءِ سسئيءَ جهڙي عورت کي علامت بنائي، سنڌي سماج مان اڻ برابريءَ واري تصور کي ٽوڙي ڇڏيو. ”لطيف ڏنو تہ سنڌي سماج ۾ عورت کي حقير سمجهيو ٿو وڃي، سندس اها اهميت نہ آهي، جيڪا هڪ سڌريل معاشري ۾ هئڻ گهرجي. ان ڪري عورت جي اهميت ۽ عظمت خاطر ست سر ان جي مختلف جذبن، احساسن، قربانين، جفاڪشن ۽ جدوجهد جي نذر ڪيائين. هن شعوري طور عورت جي





اهميت وڌائڻ خاطر پنهنجي پيغام جو مرڪزي نڪتو، عورت جي ڪردار کي قرار ڏنو. هر هنڌ، مختلف روين ۽ اهڃاڻن ۾ عورت جي ساراهہ ٿيڻ لڳي، يقينن ان جا مثبت اثر ظاهر ٿيا. لطيف سمجهيو ٿي تہ عورت جي اهميت کان سواءِ ڪو بہ معاشرو ترقي نٿو ڪري سگهي.“(١٩) جيڪڏهن دنيا جي تاريخ تي نظر ڪجي تہ ”زندگيءَ جي جدوجهد جاري رکڻ ۾ عورت مرد کي مايوسين مان ٻاهر ڪڍيو آهي. عورت هر روپ ۾ هميشہ مرد لاءِ حوصلو ثابت ٿي آهي. اسلامي معاشري ۾ عورت جي اهميت ۽ احترام مرد جي برابر آهي. نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ، ”جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي“ عورت لاءِ هيءُ ڪيڏو نہ سهڻو ۽ عظيم خراج تحسين آهي! پوءِ جيڪڏهن معاشرو هن جي عظمت کي وساري، عورت سان نا انصافي ڪري تہ ضرور ڪيس پنهنجي بقا ۽ دفاع لاءِ آواز بلند ڪرڻ گهرجي.“(٢٠) ”ان ڪري لطيف پنهنجي فڪري ۽ تخليقي صلاحيتن سان ڪيس ان مقام تي رسايو، جنهن کي هاڻي ڪو بہ طبقو هيٺ نہ ٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن اڄ وري لطيف جي فڪر کي هيئين سان هنڊايون تہ سماجي ڏارائون اصل رخ ۾ وڃي سگهن ٿيون. عورت اها ئي سهڻي آهي، جيڪا ڏم کي ڇڏي ميهار سان ملڻ ٿي وڃي ۽ ڪاري نٿي ليکي وڃي. ڪاري تہ اسان جي اک آهي، جيڪا حالتن کي نہ ٿي پسي، جو مومل جهڙيون سهڻيون سهاڳڻيون ارغونن واري دؤر جي جاگيردارانا سوچ جو ڪاڄ بڻجي، الهڙ جواني ۾ پنهنجي پيارن هٿان ٻيا ٻيا ٿي رهيون آهن.“(٢١) هن مردن جي معاشري ۾ مرد جي ڏاڍ جو شڪار ٿيندڙ هر عورت سسئي آهي. اها جي همٿ واري آهي تہ پوءِ سسئيءَ وانگر ٽڪر سان مخاطب آهي، ”آڏو ٽڪر ٽر، متان روهہ رتيون ٿئين“، ان لاءِ لطيف چئي ٿو، ”سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪيا!“. اهڙي طرح ”لطيف، سنڌ جي انهيءَ استحصالي دؤر ۾ ڄائو نپنو، ننڍپڻ کان ئي سنڌ جي ڏکوئيندڙ حالتن ۽ عام ماڻهن جي بيوسي، محتاجي، مفلسي، منافقن ۽ غدارن جي خوشحالي، وطن دوستن تي قيد بند جا عذاب ۽ سچائيءَ کي سُوري چڙهندي ڏٺائين“ (٢٢). اهڙن حالتن جي ڪري لطيف ”ڳوٺ ڳوٺ وڃي ماڻهن کي ٻڌايو تہ، انهن ڏکن جي ياد ڪرڻ سان بہ سڄڻ سار لهي ٿو. ماڻهو هڪڙي ڏارا ۾ اچي وڃي ٿو، سيني سورن وارن جي سنگ سان هڪ ڪڙم قبيلو جُڙي ٿو، جيڪو وقت اچڻ تي ڏونگر بہ ڏاري وجهي ٿو، هڪ قوت جڙي ٿي، جيڪا پهڻ بہ پروڙ ڪري ٿي.“(٢٣) ان لاءِ ٻڌي ۽ اتحاد سان پنهنجي بنيادي حقن جي لاءِ هم آواز ٿيڻ جي هدايت لطيف هن طرح ڪئي آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”چج مَ قطاران، ساٿ چڙهندو لڪئين“!
واڪو هڏ مَ لاھ، ڪر سڏن متي سڏڙا،
مان نہ تنهنجي ڪاءِ، سگر ۾ سار ٿئي!
(سرحسيني: داستان ۱۰، بيت ۳ )

” لطيف ڪي پيداواري قوتن جي ڄاڻ هئي ۽ اها سڌ هئي تہ اقتصادي ترقي ۽ سڌارن ڪان سواءِ تهذيب ۽ تمدن جي اوسر بهتر نموني ڪونہ ٿي سگهندي، تنهن ڪري لطيف سنڌي سماج جي خوشحالي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ هنر مند ۽ پورهيت هن جي فڪر جو مرڪز رهيا آهن. پورهيت ۽ هنرمند خوشحاليءَ جي علامت آهن. جيڪي ذاتي زندگيءَ جون راحتون ۽ سک تياڳي ۽ پنهنجن جذبن ۽ احساسن جي قرباني ڏئي ڏيھ کي ڏولاون ڪان آجو رکڻ جي ڪوشش ۾ رات ڏينهن رڌل رهن ٿا.

توڙي تون وڏي ٿئين، توءِ اٿي آتڻ آ،
ٿي پيري پيرم وارين، ٻي هڏ ڪر مَ ڪا،
تہ صراف تو صباح، ڪوني ڪاتارن سين.[۲۴]

سنڌ جي شاهوڪاريءَ جو سبب سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت هئي، جنهن جو زوال تڏهن ٿيڻ لڳو، ”جڏهن ڌارين ڌاڙيلن سنڌ جو رخ ڪيو، ترخانن ۽ ارغونن جي قبضي ڪان پوءِ شهري واپار تي اڄ جيان افغانن جو قبضو ۽ هڪ هٽي قائم ٿي. ڌارين ڌاڙيلن سان گڏ شهرن ۾ واپارين دلالي شروع ڪئي ۽ ايئن سنڌي پورهيت جو استحصال شروع ٿيو. ڌارين حاڪمن هڪ طرف ڳاٽي ٽوڙ محصول ۽ آنڪي تي ورتي تہ ٻئي طرف ڌارين دلالن جو اوڌر تي مال خريد ڪرڻ، وقت تي قيمت جي ادائگي نہ ڪرڻ ۽ الٽو سندن ڪپڙي مان عيب ڪڍڻ يا ڪو ٻيو بهانو ڪري اگھ گھٽ ڏيڻ. هي سڀ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت جي زوال ۽ پورهيت طبقي جي ڌارين هٿان استحصال جي شروعات هئي. مغلن ۽ ڪلهوڙن ڪي روانگي واپار جي فقط محصول سان مطلب هو بس! ڪاريگرن ۽ پورهيتن سان پيار نہ انگريز ڪي هو، نہ پورچوگيز واپارين ڪي، نہ مغلن ڪي نہ ڪلهوڙن ڪي ۽ نہ وري سندن ڪامورن ڪي!... اهي دلال ۽ واپاري اڳواٽ ڪاريگرن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري ڪين اڳواٽ بياني يا اوڌر (Credit) طور پئسا ڏئي ويندا هئا ۽ پوءِ انهن دلالن ۾ اڪثريت وري انهن ظالم نوابن ۽ حڪومتي چاڙتن ۽ غيرن جي





هوندي هئي، جيڪي ڪاريگرن تي مال جي ڪسائپ جو الزام هڻي، سندن باقي پئسا بہ ڪائي ويندا هئا. لطيف استحصال جي شڪار ۽ لاچار ڪاريگر جي ڪمزوريءَ جو اقرار هن طرح ڪيو آهي.

تان جي توريائون، تہ غيب نڪتا اڳرا،
ڪوني ڪاپائتين ڪي، پر ۾ پچيائون،
چي، ”اگلڙي آئون، مون ڪان پڙا پڳا نہ ٿيا“.[۲۵]

لطيف سنڌ جي عوام کي انهن ساموندي غير ملڪي استحصال ڪندڙ ڌاڙيلن ڪان بہ آگاھ ڪندي ڪين سجاڳ ڪيو آهي.

معلم ماڳ نہ اڳئين، ڦلنگي منجھ ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙي ، اڇي چور چڙهيا.
(سر سريراڳ: داستان ۳، بيت ۱۱)

’ڦلنگي يا فرنگي‘ دراصل اها ئي ڏنگي ذات آهي، جنهن جو ذڪر هيمگوي ’شارڪ‘ جي نالي سان ڪيو آهي. هڪ اهڙي سگھ جيڪا ٻئي جي پورهئي جو استحصال ڪري، پاڻ جيئي ٿي ۽ مڇي مڇ ٿئي ٿي.لطيف ۽ هيمگويءَ جو هي ڪائناتي تجزيو بالڪل اهو آهي، جيڪو جديد سائنسي ۽ معاشي اصول ڪن ٿا. پورهئي ڪان اپت ٿائين،اپت ڪان استحصال ٿائين ۽ استحصال ڪان ان جي خاتمي لاءِ لاڳيتي جنگ ٿائين، سڀ ڪجھ ساڳيو آهي. لطيف فرنگين جو حوالو فقط تاريخي ضرورتن جي پورائي لاءِ استعمال نہ ڪيو، پر برطانوي واپار جي سامراجي گرفت، پيداوار ۽ پيداواري ذريعن تي وڌندڙ قبضي ۽ پورهيت طبقي تي وڌل پنجوڙ جو علامتي حوالو ڏنو. عربي سمنڊ ۽ سنڌوءَ ۾ برطانوي جهازن جي اچ وڃ، حق ۽ مداخلت، مهاڻن جي زندگيءَ تي ڏکيو وقت آندو.“[۲۶]

نڪا ٻوءِ بازار ۾، نہ ڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرن جي، اڳي هئي اڪٿ،
سي پڙ پسئو پٽ، ماڙهو وڃن موٺئا.
(گھاتو: داستا ۱، بيت ۱۱ )



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لطيف کي اهي بازاريون ۽ پڙ ويران ڏسي ڪيڏو درد محسوس ٿئي ٿو، جنهن لاءِ سندس هنئيون لوڻ ٿيو وڃي. انهن مهاڻن ۽ پورهيتن جي پورهئي جو سرمائيدار جهڙي طرح استحصال ڪري رهيا هئا، انهن جو لطيف عيني شاهد آهي. جڏهن ”غريب مهاڻيون، آئي ويل جي مصيبت ۾ ڦاسي پونديون هيون ۽ ان ڪري دلالن ۽ سيٺي بازن کي خوشامد ڪندي ڪيڪاريندون هيون، تڏهن بہ هو بي مروت ٿي، مُنهن ٻئي پاسي ڦيريون هليا ويندا هئا. انهن دلالن ۽ سيٺي بازن جي بي مروتي ۽ گهاتن جي دير سان واپس ورڻ جي ڪري، جيڪا پويان مهاڻن سان حالت پيش ايندي آهي، ان جو نقش لطيف هن طرح چٽيو آهي.“(٢٧)

ڪِلي جان ڪيڪارِيان، تان ساٿِي سگَ نہ ڪن،
واريون وهِٽ وڃِن، ڪِنِ سياڳِنِ سا مُهان،
(گهايو: داستان ١، بيت ٩)

انهيءَ دؤر جي غريب پورهيتن تي ڳرا محصول رکيل هوندا هئا، جيڪي هاڻي بہ آهن. چڀلاڻي لکي ٿو: ”مهاڻن تي محصول هوندو هو. اهي جيڪي مڇيون ڦاسائيندا هئا، انهن جي ٽين پتي يا اڌ ڪين محصول طور ڏيڻو پوندو هو.“(٢٨) اهڙي شاهدي ڏيندي، ايچ. ٽي سارلي ٻاهرين سياح ڊيل هوسٽ Del Hoste جي حوالي سان لکي ٿو: ”سنڌ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي مڇيءَ جو شڪار جام ڪيو ويندو آهي، مگر انهن سيني هنڌن تان هڪ ’مهتو‘ جو ان ڪم لاءِ مقرر ڪيل آهي، مهاڻن کان ٽيون حصو مڇيءَ جو ڊل طور وصول ڪري ٿو.“(٢٩) انهن ڳرن محصولن يا ڏنن جي معاف ڪرائڻ لاءِ لطيف نوريءَ جي زباني ٻڌائي ٿو تہ:

تون تماچي ترَ ڌڻي، آئون گندري غريب،
توسين جام! قريب، ڪي ڏن ڇڏائي ڏيج مون.
(ڪاموڏ: داستان ١، بيت ٧)

اهوئي سبب آهي جو، ”سنڌ جا سيئي مهاڻا مقروض آهن. اهي چار ۽ ٻيڙا قرض تي خريد ڪن ٿا ۽ قرضدار ڪانئن مارڪيٽ جي اگهہ کان، اڌ بها ۾ مڇي خريد ڪرڻ جو معاهدو اڳواٽ لکرائي وٺن ٿا. اهڙو ڪوبہ مهاڻي جو ٻيڙو قرض کان آجو نہ





ڏٺو، پر جيڪڏهن ڪو هو تہ اهو يقينن ڪنهن خواجي يا هندوءَ جي ملڪيت هوندي.“(٣٠) ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي غريب پرهيت غلاميءَ جي زندگي گذاري رهيا هئا. اهي ملاح جيڪي سردي گرميءَ ۾ هميشہ پورهئي جي لاءِ سمونڊ سيوئين ٿا، ”جڏهن گهاتو شڪار لاءِ ويندا آهن، تہ ويچارن کي ڪافي وقت لڳي ويندو آهي ۽ ٻہ چار چار ڏينهن واپس گهرن ڏانهن موٽي نہ سگهندا آهن. ان وقت ۾ غريب مهاڻيون اوڙي پاڙي وارن کان اڌاريون سڌاريون مڇڙيون وٺي گذران ڪنديون آهن. هن بيت مان اها خبر پوي ٿي تہ گهاتن جو گهٽو دير سان واپس اچڻ جي ڪري مهاڻيون ’مدارن‘ کان پئسو پنجڙ بہ اڌارو وٺنديون آهن. جڏهن گهاتو واپس اچڻ ۾ گهڻي دير ڪندا آهن، تہ مدار يعني دلال کين تنگ ڪندا آهن. جن جي آزار کان تنگ اچي ويچاريون آهون پڪارون ڪنديون آهن، تہ اي قادر! انهن مدارن سان اسان جو واسطو نہ وجهہ! اسان جا گهاتو جلدي واپس آڻ، تہ هنن ميارن کان جند آزاد ٿئي! اهڙن محنت ڪش ماڻهن جي پورهئي تي پلجندڙ دلال ڏنڌوڙين ۽ استحصالي قوتن کين هميشہ لٽيو ۽ ڦريو آهي. مهاڻن کان نہ رڳو ڳريون ڍلون ورتيون وينديون هيون، پر کين مقروض بڻائي ۽ سندن سموري پورهئي جو استحصال بہ ڪيو ويندو هو.“(٣١)

مون اُڌاريا مڇڙا، الله گهاتُو آڻ،
مِيان! مُدارنِ سين، مُون ڪي قادر! وِجهہُ م ڪاڻ،
هٿ منهنجي ماڻ، قدرُ لڌو جنِ ري!
(گهاتو: داستان ١، بيت ٩)

لطيف کي مهاڻن سان محبت آهي، تڏهن تہ انهن جي حالتن جو نقشو اهڙو تہ چٽيو آهي. جو شاعريءَ جي نقاشيءَ سان ڪنهن اعليٰ سنگتراش جيئن انهن جا منهن مهانڊا سامهون اچيو وڃن ٿا. اهڙين سنڌ جي غريب ماڻهن جي حالتن جو لطيف ادارڪ ٿي رکيو، ان ڪري، ”ان دؤر ۾ لطيف شعوري طور سمجهي ورتو هو، تہ جيستائين ڏکيون پاڙ ۾ نہ مڙنديون، تيستائين پنڌ نہ ٿيندو. قابض جاگيردار، انتها پسند مذهبي طبقي ۽ مڪاني وڏيري ۽ چاڙتن سان تہ مُکي جنگ جوٽڻ لاءِ لطيف وٽ ٻي ڪابہ واهہ نہ هئي. مسلسل ظلم جي چڪي ۾ پيسجندي، عام ماڻهو حوصلو وڃائي وينا هئا. ڪين هر ڳوٺ، شهر توڙي وسندي واهڻ ۾، مٿين ٽنهي طبقن اهڙو تہ سوڙهو ڪيو هو ۽ سندن متيون منجهائي ڇڏيون هيون، جو هنن لاءِ ڪابہ واٽ نہ بچي هئي. ان ڪري لطيف

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي ڏکي ويڙهه ۾ مستقل بندوبست لاءِ سنڌ جي مڙني طبقن کي هڪ ڪرڻو هو. ان دؤر جي حالتن مطابق عام ماڻهن کي نه ته قومي آجپو سمجهه ۾ ٿي آيو، نه وري پنهنجن وسيلن جي پاسداري. البت سور سندن ساڃيا هئا، جيڪي کين سمجهه ۾ ٿي آيا. ان ڪري لطيف واٽ به اها ئي ورتي."[٣٢]

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري،
جنين جي ورونهن، سڄڻ آيو مان ڳري!
(سرحسيني: داستان ٦، بيت ٢٤)
ڏکيءَ ريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو،
سونهائي سورن، ڪئي هيڪاندي هوت سين!
(سرحسيني: داستان ٦، بيت ٢)

ان لاءِ اها سڄاڳي ڏيندي، لطيف چئي ٿو ته ڏک انسان جي متان، آزمائش خاطر ايندا آهن، اهي آزمائشون عارضي هونديون آهن. ان جي لاءِ لطيف سڄاڳي ڏيندي ٻڌائي ٿو ته 'ان مع العسريسرا' بيشڪ ڏکن سان گڏ سُک آهن.

مليران مارُو، پڪي پيهي آئيو،
وِريا واهرُو، هاڙُو سڀِ هيڏا ٿيا!
(مارئي: داستان ١١، بيت ١)

لطيف جي نظر ۾ هڪ 'ڏڪاري' يا 'مهانگولهي ميڙيندڙ' ٻيو 'ملان' اهي ٻئي عالم جي آباديءَ ۾ وڏيون رڪاوٽون آهن. اهي ئي سماج ۾ اڻ برابري جي سبب ڪري پورهيت جو استحصال ڪن ٿا. "زميندار ۽ هاري وچ ۾ وچوٽي وڏڻ ڪري سماجي ڍانچو معاشي تبديليءَ واري عمل مان گذري رهيو هو. اهڙي تبديليءَ واري عمل کي رياستي ادارا ۽ ورسيل ذريون قبولڻ بدران روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. طبقاتي طور تي ساهميءَ جا به اڻ برابر پاسا سماجي سطح تي نمودار ٿي رهيا هئا. هڪ 'غريب هاري محنت ڪش' هو ۽ ٻيو 'طاقتور، جاگيردار' معاشي ذريعن تي قابض طبقو هو. اهڙي ئي طبقي کي لطيف سائين ڏڪاري ۽ موذي ڪوٺي ٿو، جيڪو سستو مال ميڙي گڏ ڪري ٿو ۽ پوءِ مارڪيٽ ۾ مهانگي اگهه تي نيڪال ڪري ٿو."[٣٣] انھيءَ ڪري "لطيف ڏڪارين، مهانگي لاءِ ميڙڻ وارن، پنجن مان پندرهن ڪرڻ وارن،





ظالم زميندارن جي سخت برخلاف هو. انهن جي ختم ٿيڻ لاءِ دعائون گهريون اٿس. سندس چوڻ موجب سچي اقتصادي آزاديءَ جي بارش (انقلاب) اهي سڀ آفتون ملڪ تان ٽاري ڇڏيندي"[٣٤]. جنهن لاءِ لطيف چئي ٿو ته:

جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٽا هٽ هٽن،
پنجن مان پندرهن ٿيا، ايئن ٽا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهن مان، شل موذي سڀ مرن،
وري وڏيءَ وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چي سين، آهي تنهنجو آسرو.
(سر سارنگ: داستان ٤، بيت ١٦)

اهوئي سبب آهي جو، هن بيت ۾ لطيف ڏڪارين ۽ موذين جي ڏيهه مان نه سمورن پرڏيهن مان پڻ مرڻ جي تمنا ڪئي آهي. ان جو مطلب ته نه رڳو سنڌ مان پر سڄيءَ دنيا مان ڏڪارين ۽ موذين جو خاتمو ٿئي. اها شاهه لطيف جي بين الاقواميت آهي، جيڪا نه رڳو سنڌ پر سڄيءَ دنيا ۾ سُڪر سٽائيءَ لاءِ دعا آهي، سچي انسانيت جي ڀلائيءَ ۽ ڀهبوديءَ جي خواهش آهي، جيڪو لطيف جي محدود قوميت (Chauvinism) نه، پر بين الاقوامي خوشحاليءَ ڏانهن هڪ قدم آهي."[٣٥]

## نتيجا:

مٿي بيان ڪيل بحث کان پوءِ اهو نتيجو سامهون اچي ٿو، جنهن جي بنياد تي ايئن چئي سگهجي ٿو ته، لطيف ڌن دولت، اقتدار ۽ طاقت، مال و زر، شان و شوڪت ۽ رعب دٻدٻي کان وڌيڪ، برابري، ماڻهپي ۽ انسانيت کي اوليت ڏئي ٿو. هن سماجي اڻ برابري ۽ پورهئي جو استحصال، نا انصافي ۽ غير انساني روين کي حقارت ۽ نفرت جي نگاهه سان ڏسندي، شخصي آزاديءَ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو. انھيءَ ڪري لطيف وٽ ماڻُ ۽ مرتبو انهن جو آهي، جيڪي لوچي ٿا لهن. رنگ، نسل، ذات پات، ڪان مٿي انسانيت کي اوليت ڏئي، انساني سماج ۾ برابري ۽ پورهئي کي اهميت ڏئي شاعريءَ ۾ انساني قدرن (Human values)، انساني حقن (Human Rights)، ۽ انساني احساسن (Human Feelings)، جي ترجماني ڪندي، لطيف جي سموري شاعري 'انسانيت جو آواز (Voice of Humanity)' محسوس ٿئي ٿي .لطيف جي تصور ڪيل ان بدليل سماج



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ ’مهانگو لهي ميڙيندڙ‘ يا ’ڏڪاري‘ سڀ ڪان وڌيڪ نفرت لائق آهي. سندس تصور موجب سموري جدوجهد ’سڪار واريءَ سنڌ‘ لاءِ آهي. اها سنڌ جيڪا سڄي عالم جي آباديءَ جو سبب بنجي.“[٣٦] ’دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين‘. لطيف جي بيت ۾ پوري عالم جي آباديءَ جو فڪر، ترقي ۽ خوشحاليءَ جي دعا سمايل آهي. انساني سماج جي لاءِ ترقي ۽ ارتقائي جدوجهد، جيڪا خوشحاليءَ ڏانهن هجي، لطيف ان جو حمايت ڪندڙ ۽ دعاگو آهي:

سائينمِ! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.!
(سر سارنگ، داستان ۴، بيت ٦)

## حوالا


١. مری شاہ محمد، ’شاہ عبداللطیف بھٹائی‘(مقالہ)’سنگت‘ کوئٹہ (ایڈیٹر:شاہ محمد مری)، اگست 2012ع، ص:24.
2. مری شاہ محمد، ’شاہ لطیف نے اپنے سماج کا تجربہ کیا‘ (مقالہ)’سنگت‘ کوئٹہ (ایڈیٹر:شاہ محمد مری)، اکتوبر 2012ع، ص:6.
٣. جويو، محمد ابراهيم، ’شاهه سچل سامي‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٦ع، ص: ٨٦-٨٧.
۴. ساڳيو، ص:٨٦.
۵. فهميده حسين، ڊاڪٽر، (مقالو) ’شاهه لطيف هڪ سماجي شاعر‘، مرتب: آفتاب ابڙو، ’شاهه لطيف عظيم مفڪر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص: ١٩۴.
٦. ساڳيو: ص: ١٩۵.
٧. ايڇ. ٽي سارلي: ’پٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠١٢ع، ص: ١٧٧.
٨. ساڳيو، ص: ١٧٧.
٩. عباسي تنوير، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٠ع، ص: ١١٩.
١٠. ساڳيو: ص: ١٢۴.
١١. فهميده حسين، ڊاڪٽر، (مقالو) ’شاهه لطيف هڪ سماجي شاعر‘، مرتب: آفتاب ابڙو، ’شاهه لطيف عظيم مفڪر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص: ١٩٨.
١٢. ايڇ. ٽي سارلي، ’پٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠١٢ع، ص: ٢٢٠.
١٣. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ‘، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٩٣ع، ص: ١٨١.
١۴. عباسي تنوير، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٠ع، ص:١١٢.
١۵. فهميده حسين، ڊاڪٽر، (مقالو) ’شاهه لطيف هڪ سماجي شاعر‘، مرتب: آفتاب ابڙو، ’شاهه لطيف عظيم مفڪر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص: ١٩٨.
١٦. ايڇ. ٽي. سارلي، ’پٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠١٢ع، ص: ١٧۴.







١٧. عزت خاتون خواجه، ’سماجياتي فڪر جو اڀياس‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٩٦ع، ص: ٩٨.
١٨. ساڳيو، ص: ٩٨.
١٩. ابڙو، آفتاب، (مقالو)، ’شاهه عبداللطيف قومي وحدت ۽ فڪري جدت جو علمبردار‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص: ٢٨٢-٢٨٣.
٢٠. لاڙڪ مهرالنساءِ، ڊاڪٽر، (مقالو)، ’ڪمزور عورت جو سگهارو پيغام‘، مرتب: تاج جويو: ’ديسي سيڻ ڪجن‘، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ٢٠٠۵ع، ص: ١٨۴.
٢١. ابڙو آفتاب، (مقالو)، ’شاهه عبداللطيف قومي وحدت ۽ فڪري جدت جو علمبردار‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص: ٢٨٣.
٢٢. شيخ محمد اسماعيل، ’شاهه لطيف سماجي ۽ سياسي مفڪر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص:٢١۴.
٢٣. ابڙو، آفتاب، (مقالو) ’شاهه عبداللطيف قومي وحدت ۽ فڪري جدت جو علمبردار‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٢٠٠۵ع، ص: ٢٦٩.
٢۴. لطيفي، پٺو، سليم، ’ ڪاهنئين سين لاءِ پوري، سائو هلن سامهان‘، ڄامشورو: لطيفي تڪيو، ٢٠٠٩ع، ص: ٨١.
٢۵. ساڳيو، ص: ٨٢.
٢٦. ابڙو، بدر، ’سنڌ جو شاهه‘، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، ٢٠١۴ع، ص:٢۴۴.
٢٧. شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر، ’سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف‘، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، سنڌ، ١٩٩١ع، ص: ٣۵٢.
٢٨. ڇبلاڻي، ايس. ٽي، ’سنڌ جي اقتصادي تاريخ‘، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩۵٨ع، ص: ٢٧٠.
٢٩. ايڇ. ٽي. سارلي، ’پٽ جو شاهه‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠١٢ع، ص: ١٠٠.
30. Aitken: “Gazetter of the province of sindh” op: cit: p: 6364.30
٣١. سوڍرشاهنواز، ڊاڪٽر، ’سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف‘، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ، ١٩٩١ع، ص: ٣۵١-٣۵٢-٣۵٣.
٣٢. ابڙو، آفتاب، (مقالو): ’شاهه عبداللطيف قومي وحدت ۽ فڪري جدت جو علمبردار‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص: ٢٦٨-٢٦٩.
٣٣. ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، مقالو: ’ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌ جون سماجي، معاشي حالتون ۽ شاهه لطيف‘، عباسي، خورشيد، ڊاڪٽر، مرتب: ’قومي ادبي ڪانفرنس، ڪلهوڙا (عباسي) دؤر‘، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، نومبر ٢٠٠٩ع، ص: ۵٨.
٣۴. جي. ايم سيد: ’پيغام لطيف‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ، ٢٠٠۵ع، ص: ١٧٨.
٣۵. تنوير عباسي، ڊاڪٽر، (مقالو): ’شاهه لطيف جي شعر ۾ سماجي اوسر جو تصور‘، مرتب: آفتاب ابڙو: ’شاهه لطيف عظيم مفڪر‘، سنڌيڪا ڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠۵ع، ص: ١٦٨.
٣٦. ساڳيو، ص: ١٦٨.


(نوٽ: هن مقالي جي لاءِ غلام محمد شهواڻيءَ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي ۽ ڪلياڻ آڏٽي جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي تان بيتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair